# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVI مجريہ 2016
# SINDH ACT NO.XXVI OF 2016
# سنڌ برطرف ملازمن جي (بحالي) ايڪٽ، 2016
# THE SINDH SACKED EMPLOYEES' (REINSTATEMENT) ACT, 2016

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, Extent and commencement

2.وصفون

Definitions

3.ملازمت ۾ ملازمن جي بحالي جي مستقلي

Regularization of reinstatement of employees in service

4.ترقي ۽ ٻيا فائدا

Promotion and other benefits

5.ايڪٽ جيڪو ٻين قانونن کي اوور رائيڊ ڪندو

Act to override other laws

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVI مجريه 2016
# SINDH ACT NO.XXVI OF 2016
# سنڌ برطرف ملازمن جي (بحالي) ايڪٽ، 2016
# THE SINDH SACKED EMPLOYEES' (REINSTATEMENT) ACT, 2016

[16 آڪٽوبر 2016]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪارپوريشن سروس يا خودمختيار يا نيم خود مختيار باڊيز يا سرڪاري ملازمت ۾، جيڪي برطرف ڪيا، هٽايا يا ملازمت تان لاٿا ويا هيا، انهن کي رليف فراهم ڪيو ويندو؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪارپوريشن سروس يا خودمختيار يا نيم خود مختيار باڊيز يا سرڪاري ملازمت ۾، جيڪي برطرف ڪيا، هٽايا يا ملازمت تان لاٿا ويا هيا، 3 فيبروري 1997کان 18 فيبروري 2008 جي عرصي دوران، سياسي انتقامي ڪارروائي جي بنياد تي انهن کي رليف فراهم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ برطرف ملازمن جي (بحالي) ايڪٽ، 2016 سڏيو ويندو.

Short title, Extent and commencement

(2)ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a)"ملازمت تي رکنڊڙ" مطلب سنڌ حڪومت يا سنڌ حڪومت جو کاتو يا ڪارپوريشن يا تنظيم يا خودمختيار يا نيم خودمختيار باڊي جيڪا سنڌ جي صوبائي اسيمبلي يا سنڌ جي گورنر طرفان قائم ڪئي يا ڪنهن قانون تحت جاري ڪئي وئي هجي يا سنڌ حڪومت جي مالڪي يا ضابطي هيٺ هجي؛

(b)"برطرف ملازم" مطلب اهو شخص جيڪو مستقل بنيادن تي يا ايڊهاڪ بنيادن تي هيو يا ڪانٽريڪٽ بنيادن تي يا ٻي صورت ۾ امپلائر جي ملازمت ۾ رکيو ويو هجي يا جيڪو سنڌ صوبي جي سول سروس جو ميمبر هيو يا جيڪو سنڌ صوبي يا کاتي جي معاملن سان لاڳاپيل ڪو سول عهدو رکنڊڙ هيو ۽ 3 فيبروري 1997 کان 18 فيبروري 2008 (ٻنهي ڏينهن سميت) جي عرصي دوران برطرف ڪيو هٽايو يا ملازمت تان لاٿو ويو هيو ۽ جيڪو بعد ۾ ڪميٽي جي سفارش تي ملازمت ۾ بحال ڪيو ويو؛

(c)لفظ جيڪي واحد لاءِ هجن جمع لاءِ پڻ اهي ئي هوندا ۽ ساڳيءَ ريت ۽ لفظ جيڪي مذڪر جنس لاءِ هجن اهي مونث جنس لاءِ پڻ ساڳيءَ ريت هوندا.

**ملازمت ۾ ملازمن جي بحالي جي مستقلي**
**Regularization of reinstatement of employees in service**

3. جيستائين ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون، يا ڪنهن ٽربيونل يا ڪنهن عدالت جي ڪنهن فيصلي، بشمول هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جي يا ڪانٽريڪٽ بنيادن تي يا ٻي صورت ۾ مقرري جي ڪن قاعدن ۽ ضابطن جي متضاد نہ هجي، سمورا ملازم، جن تي هن ايڪٽ جون گنجائشون لاڳو ٿين، اهي ملازمت تي رکندڙ جي ملازمت ۾ اسڪيل، گريڊ، گروپ، ڪيڊر، پوسٽ يا عهدي تي، جيڪو بہ معاملو هجي، بحال ٿي ويندا، جيئن ملازم برطرفي، هٽائڻ يا ملازمت تان لاهڻ وقت موجود هئا ۽ بحالي واري تاريخ کان مستقل ٿي ويندا.

**ترقي ۽ ٻيا فائدا**
**Promotion and other benefits**

4.هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب برطرف ملازم کي سنڌ سول سرونٽس سان لاڳاپيل قانونن موجب انهن جي ڪيس موجب لاڳو فائدا فراهم ڪيا ويندا.

**ايڪٽ جيڪو ٻين قانونن کي اوور رائيڊ ڪندو**
**Act to override other laws**

5.(1) هن ايڪٽ جون گنجائشون موثر هونديون، جيستائين ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون، ڪنهن ٽربيونل يا عدالت بشمول هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جي ڪنهن فيصلي جي متضاد نہ هجي.

(2) هن ايڪٽ جون گنجائشون، ڪنهن ڪارپوريشن يا خودمختيار يا نيم خودمختيار تنظيم يا سرڪاري ملازمت ۾ لاڳو ڪنهن قانون، قاعدن يا لاڳو طريقيڪار جي جاءِ وٺنديون، جتي ۾ جڏهن بہ ڪو ٽڪراءُ پيش اچي.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**